Subject :- Sindhi (Std. II)

## استيٽ ڪائونسل آف ايجوڪيشنل ريسرچ اينڊ ٽريننگ، مهاراشٽر، پوني،

## NIPUN BHARAT : تحت- بنيادي ٻولي خواندگي امتحان 2022-2023

## وشيہ : ٻولي (سنڌي) درجو : ٻيون

**علمي حاصلات نمبر - ١ :** گيت، بيت، گروپ گيت لئہ تار ۽ سُر ۾ ڳائي ٿو

**اَڌياپڪن لاءِ سوچنا:**

- اَڌياپڪ ٻارن لاءِ ڪويتا سُر ۽ لئہ ۾ پڙهي ڏيکاريندو.
- ڪويتا پڙهڻ کان اڳ ٻارن کي سوچنا ڏني وڃي تہ بيت ڌيان سان ٻڌو ۽ اُن تي توهان کان سوال پُڇيا ويندا.
- هرهڪ ٻار کي بيت چڱيءَ طرح ٻڌايو وڃي ۽ پوءِ هُن کان سوال پڇيا وڃن.
- هرهڪ سوال جو جواب ڏيڻ لاءِ ٻار کي ڏهہ ١٠ سيڪنڊ ڏنا وڃن. جيڪڏهن ڪو ٻار ١٠ سيڪنڊن ۾ جواب نٿو ڏي تہ هُن کان ٻيو سوال پڇيو وڃي.

**بيت پڙهو ۽ ٻڌو :**

واهہ ڙي تارا، گول تارا
روشن تارا، چمڪي وارا
سانجهيءَ ٽاڻي نڪرو ٿا،
اُڀ سڄي ۾ پکڙو ٿا
چلڪو چمڪو ساري رات
ڪجي اَوهان جي ڪهڙي بات
اَوهين ٻڌايو ڳالهہ اِها.
جوت اَوهان جي جي نہ هجي،
واٿهڙو هر وات منجهي

| سوال | جواب |
|---|---|
| ١. تارا ڪڏهن نڪرندا آهن؟ | سانجهيءَ ٽاڻي |
| ٢. هيٺ ڏنل جوڙن ۾ ڪهڙي جوڙيءَ ۾ آخري سُريا آخري اَکر ساڳيو آهي؟ (روشن- گول، چلڪو - چمڪو) | چلڪو- چمڪو |

| | |
|---|---|
| ۳. جئين : تارا - وارا<br>تئين : بات | رات |
| ۴. تارا ڪنهن کي پڪڙن ٿا | اُپ ۾ |

## اَڀياس چاٽ

| نيڪال | مارڪون |
|---|---|
| بيت ٻڌڻ کان پوءِ ۴ يا ۵ سوالن جو صحيح جواب ڏنو. | ۳ |
| بيت ٻڌڻ کان پوءِ ۲ يان ۳ سوالن جو صحيح جواب ڏنو. | ۲ |
| بيت ٻڌڻ کان پوءِ فقط هڪ سوال جو صحيح جواب ڏنو | ۱ |
| بيت ٻڌڻ کان پوءِ ڪوبہ سوال جو جواب ڪونہ ڏنو. | ۰ |

**علمي حاصلات - نمبر ۲ :** درسي ڪتاب يا ٻين ساهتيہ جا ڪتابن مان آڪاٽي، نثر، نظم پڙهڻ وقت مُناسب اُچار، لاهي چاڙهي ۽ سُر تار اِستعمال ڪرڻ ۽ لکڻ وقت اُن جو صحيح اُپيوگ ڪرڻ.

## اَڏياپڪن لاءِ سوچنا

- هرهڪ لفظ ٻہ دفعا ڌيان سان ڏُهرايو
- جيڪڏهن ڪو ٻار ۱۰ سيڪندن کان وڌيڪ وقت تو لڳائي جواب کي ٻڌائڻ ۾ يا جواب نٿو ڏيئي سگهي تہ اُن ٻار کي ٻيو لفظ ٻڌايو.

| ھاڻي مان توهان کي ڪي لفظ ٻڌايان ٿي / ٿو.<br>توهان مون کي هن لفظ جو پهريون اکر ۽ آواز ٻڌايو. | | |
|---|---|---|
| نمبر | لفظ | پهريون اَکر ۽ آواز |
| ۱. | راڌا | را / ر |
| ۲. | ڪوئل | ڪو / ڪ |
| ۳. | گُل گوبي | گُ / گا |

| هاڻي مان توهان کي ٻيا ڪي لفظ ٻڌايان ٿي / ٿو توهان مون کي هنن لفظ جو آخري اکر ۽ آواز ٻڌايو. | | |
|---|---|---|
| نمبر | لفظ | آخرين اکر /آواز |
| ١. | وڻُ | ڻ / ڻُ |
| ٢. | ٻيرَ | رَ |
| ٣. | ڄڄَ | ڄَ |

## اَڀياس چاڻ

| نيڪال | مارڪون |
|---|---|
| ڏنل لفظن مان ٥ يا ٦ لفظن جو پهريون ۽ آخري اَکر صحيح ٻڌايو ۽ صحيح آواز پڻ ٻڌايو. | ٣ |
| ڏنل لفظن مان ٣ يا ٤ لفظن جو پهريون ۽ آخري اَکر صحيح ٻڌايو. ۽ صحيح آواز سان ٻڌايو. | ٢ |
| ڏنل لفظن مان ١ يا ٢ لفظن جو پهريون ۽ آخري اَکر صحيح ٻڌايو ۽ صحيح آواز سان ٻڌايو | ١ |
| ڪوبہ لفظ ۽ آواز ڪونہ ٻڌائي سگهيو / سگهي. | ٠ |

**علمي حاصلات ٣ :** ساهتيہ جا جدا جدا روپ پڙهي اُن کي سمجهي اُن سان پنهنجا آزمودا، ويچار پنهنجن لفظن ۾ ٻڌائي ٿو.

## اڏياپڪن لاءِ سوچنا

- ماسترياڻيءَ کي گهرجي تہ ٻارن کي پنهنجي طرفان ڪو ٽُڪر پڙهڻ لاءِ ڏيئي.
- ٻارن کي ٽُڪر ڏيان سان پڙهڻ لاءِ چوندا ۽ ٽڪر جي آڌار تي ٻارن کان سوال پڇيا ويندا اِها چاڻ ڏيندا.
- ڪو وديارٿي اَگر ڪنهن لفظ کي پڙهڻ ۾ ٥ سيڪنڊن کان وڌيڪ وقت ٿو لڳائي تہ هُن کي اڳتي پڙهڻ جي هدايت ڏيندا.

## نشان جي لاءِ نشاني

١) چاڻ: ڪنهن بہ غلط اُچار يا اڻ پڙهيل لفظ کي سليش (/) سان نشان لڳايو.

٢) صحيح طور پڙهيل لفظ کي Ø سان نشان لڳايو.

### اَڀياس چاڻ

| نيڪال | مارڪون |
|---|---|
| قاعدي انوسار صحيح آواز ۾، صحيح اُچار سان، صحيح بيهڪ جي نشانين سان ١٥ ڪان ٢٥ لفظ پڙهيا. | ٣ |
| قاعدي انوسار صحيح آواز ۾ بنا چُڪ جي، صحيح اُچار سان صحيح بيهڪ جي | |
| نشانين سان ١۴ ڪان ١٠ لفظ پڙهيا. | ٢ |
| ڏنل وقت انوسار چُڪون ڪري، اٽڪي اٽڪي ٩ ڪان ۵ لفظ پڙهيا. | ١ |
| هڪ به لفظ صحيح سان ڪونه پڙهيو ۽ نه ئي ڪا ڪوشش ڪئي. | ٠ |

**عالمي حاصلات -۴** ”چا پڙهڻ گهرجي“ ان جي صحيح سمجهه هئڻ پيش، زبرون ۽ زيرن سان گڏ پين. آوازن ڪي پڙهڻ ۽ لکڻ جي ڪوشش ڪري.

### اَڌياپڪن جي لاءِ سوچنا:

- اَڌياپڪ ٻارن ڪي هيٺ ڏنل لفظن ڪي پڙهڻ جي هدايت ڏي.
- اَڌياپڪ ٻارن ڪي ٻڌائي ته اُنهن لفظن اَڳيان گول ۾ اَکر ڏنل آهي.
- جنهن لفظ ڪي گول وارو اَکر ڪم آندل آهي. اُن لفظ هيٺان ليڪ پايو.

| | | سوال | جواب |
|---|---|---|---|
| ١. | اَ | رکُ، سکُ، اَيِ، ڪَڻُ | اَيِ |
| ٢. | ب | پَنَ، ڳَنَ، بَنَ، ڪَنَ | بَنَ |
| ٣. | م | ڪِتِ، مَتَ، پَتَ، سَتُ | مَتَ |
| ۴. | پ | دَرَ، پَرَ، سِترِ، هَرَ | پَرَ |
| ۵. | ل | نَڪُ، نَلُ، نَتَ، نِمُ | نَلُ |
| ٦. | ت | ڇَڇِ، ڇَهہ، لَتِ، ڇِتِ | لَتِ |

## اَيپاس چارٽ

| مارڪون | نيڪال |
|---|---|
| ٣ | لفظ پڙهڻ بيعد سيني صحيح اَکرن وارن لفظن هيٺان ليڪ پاتي. |
| ٢ | لفظ پڙهڻ بيعد ٤ کان ٥ صحيح اَکرن وارن لفظن هيٺان ليڪ پاتي. |
| ١ | لفظ پڙهڻ بيعد ٣ کان ٢ صحيح اَکرن واري لفظن هيٺان ليڪ پاتي |
| ٠ | ڪنهن به صحيح لفظ هيٺان ليڪ نه پاتي. |

**عالمي حاصلات نمبر ٥** ١ کان ١٠٠ تائين انگ، اَکرن ۽ عددن ۾ لکي سگهي ٿو. وشيه، تصويرن، عردارن ۽ انگن جي باري ۾ پنهنجا ويچار پيش ڪندا.

### اَڏياپڪ لاءِ سوچنا

- اَڏياڪ ٻارن کي ڏنل مواد، ڪارڊ شيٽ چتر غوّر سان ڏسڻ ۽ پڙهڻ لاءِ ڏيندا.
- ٻارن کي مواد، چتر غوّر سان ڏسڻ لاءِ چوندا ۽ مواد، چتر جي آڌار تي ٻارن کان سوال پڇيا ويندا اِها ڄاڻ ٻارن کي ڏيندا.
- هرهڪ سوال جو جواب ڏيڻ لاءِ ٻار کي ڏهه (١٠) سيڪنڊ ڏنا وڃن. جيڪڏهن ڪو ٻار ١٠ سيڪنڊن ۾ جواب نٿو ڏي ته هُن کان ٻيو سوال پڇيو وڃي.
- سوال ٻن دفعن کان وڌيڪ نه دُهرايو جيڪڏهن ٻار چوي ته مون کي خبر ڪانهي، پوءِ ممڪن آهي ١٠ غلط جواب ڏيو.

| | |
|---|---|
| هڪ هَرڻ | ڇهه ڇوڪريوُن |
| ٻه ٻِليوُن | سَت سڪا |
| ٽي ٽوڪِريوُن | اَٺ اَنبَ |

| جواب | سوال |
|---|---|
| ١. هَڪ هرڻ<br>٢. ٻه ٻليون | ١. چتر ۾ گهڻا جانور آهن؟ |
| ٢. ٽوڪريوُن | ٢. ٽي ڇا آهن؟ |
| ٣. اَنب | ٣. کهڙو ڦل - ميوو چتر ۾ ڏنل آهي؟ |
| ۴. سَت سڪا | ۴. س اَکر سان شروع ٿيندڙ لفظ چتر ۾ |
| ۵. ڇهه | ۵. ڪُل گهڻيون تصويرون آهن |

## اَڀياس چاٽ

| مارڪون | نيڪال |
|---|---|
| ٣ | ١. چتر ڏسڻ کان پوءِ سمجهڻ کان پوءِ سيني سوالن جا صحيح جواب ڏنا |
| ٢ | ٢. چتر ڏسڻ کان پوءِ سمجهڻ کان پوءِ ۴ کان ۵ سوالن جا صحيح جواب ڏنا. |
| ١ | ٣. چتر ڏسڻ کان پوءِ سمجهڻ کان پوءِ ٢ کان ٣ سوالن جا صحيح جواب ڏنا. |
| ٠ | ۴. چتر ڏسڻ کان پوءِ ڪنهن ٻه سوال جو جواب نه ڏيڻ، جواب ڏيڻ ۾ اَٽڪ ٿيڻ |

•••